# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1997

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1997

# سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act XII of 1994

3.1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act XII of 1994

4.1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of section 6_A of Sindh Act XII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1997

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1997

# سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1997

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[27 آگسٽ 1997]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس

(ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.

**شروعات**
Short title and commencement

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ خريف، 1996 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

**1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعہ 2 جي ترميم**
Amendment of section 2 of Sindh Act XII of 1994

2.سنڌ زرعي ڪمائي ٽيڪس ايڪٽ، 1994 جنهن کي هن کانپوءِ "ڇاٽايل ايڪٽ" سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (b) کانپوءِ هيٺين ريت شامل ڪيو ويندو:

(bb) "پوکي ڪيل ايراضي" مطلب زمين جي ڪا ايراضي، جنهن تي ٽيڪس سال دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پوکي ڪئي وئي هجي، بشمول پڪل باغن، باغيچن، باغباني جي آئٽمز ۽ پان جي پٽن سواءِ جهنگن ۽ نرسريز جي؛

(bbb) "پڌرنامو" مطلب بيان ڪيل طريقي ۾ پوکي ڪيل ڪل ايراضي جو پڌرنامو اهڙا تفصيل طئي ڪرڻ ۽ اهڙن بيانن، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻين دستاويزن سان گڏ، ۽ اهڙيءَ ريت تصديق ڪيل جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛"؛

(ii)شق (i) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(j)" "ٽيڪس سال" مطلب سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ بيان ڪيل زرعي سال،".

1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XII of 1994

3.جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

(1) ڪا بہ ٽيڪس اهڙي مالڪ کان نہ ورتي ويندي جنهن کي ڪل ڪٽت ٻارنهن ايڪڙن جي يا ان کان گهٽ هجي، بيراج ايراضي ۾ ۽ چوويهہ ايڪڙ يا ان کان گهٽ نان بيراج ايراضي ۾:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ باغن ۽ باغيچن تي لاڳو نہ ٿيندو.

(2)محفوظ ڪريو جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ فراهم ڪيو ويو آهي، ٽيڪس پوکي ڪيل ايراضي بنيادن تي هر زمين جي مالڪ کان هيٺين اگهن تي اوڳاڙي ويندي:

| | |
|---|---|
| ڪپهہ | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪمند | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪڻڪ | 40 رپيا في ايڪڙ |
| چانور | 30 رپيا في ايڪڙ |
| پڪل باغ/باغيچا | 300 رپيا في ايڪڙ |
| ٻيا سمورا فصل | 40 رپيا في ايڪڙ |

بشرطيڪ نان بيراج ايراضين ۾ ٽيڪس مٿي جاٽايل اگهن جي اڌ برابر هوندي.

وضاحت: جيڪڏهن مالڪ ساڳي زمين تي ساڳي پوکي جي مند ۾ هڪ کان وڌيڪ فصل پوکي ٿو تہ ان کان

جيڪو فصل وڏيڪ پوکيو ويو هجي، ان جي بنياد تي وصولي ڪئي ويندي.

(3)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائش جي متضاد نہ هجي، پهرين جولاءِ 1998 کان انهن جي نيٽ انڪم جي بنياد تي اهڙيءَ ريٽ وصول ڪيو ويندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act XII of 1994

4.ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 6_A لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"6_A پڏرنامو پيش ڪرڻ ۾ ناڪامي تي ڏنڊ". جتي ڪو مالڪ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي ان مقصد لاءِ ڏنل وقت اندر دفعہ 5 تحت ڪو پڏرنامو پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي، ڪليڪٽر اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو هر ڏينهن لاءِ، هڪ سئو رپين کان وڏيڪ نہ هوندو، تيستائين جيستائين ڊفالٽ جاري رهي.

"6_B. نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ." جتي ڪو مالڪ بنا موزون سبب ڄاڻائڻ جي دفعہ 6 تحت جاري ڪيل ڪنهن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هجي، ڪليڪٽر ان تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو سموري پوکي ڪيل زمين تي اوڳاڙي لائق ٽيڪس جي رقم کان وڏيڪ نہ هوندو.

"6_C. پوکي ڪيل ايراضي لڪائڻ تي ڏنڊ." جتي هن ايڪٽ تي ڪنهن ڪارروائي جي سلسلي ۾، ڪليڪٽر، اپيليٽ يا رويزنل اٿارٽي مطمئن آهي تہ ڪنهن مالڪ،

ساڳي ڪارروائي ۾ يا ان کان اڳ ڪارروائي ۾ پنھنجي پوکي ڪيل ايراضي لکائي آهي يا اھڙي ايراضي يا پنھنجي زمين جا غلط تفصيل ڏنا آهن، اهو اھڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو ادائي دفعا کان وڌيڪ نہ هوندو، پر ڪنھن بہ صورت ۾ جيڪا ٽيڪس بچائي وئي هجي، ان کان گهٽ نہ هوندو.

"D_6.بڏڻي جي نوٽيس کانپوءِ ڏنڊ مڙهڻ." هن ايڪٽ تحت ڪنھن بہ مالڪ تي ڏنڊ نہ مڙهيو ويندو، جيستائين ان کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي.

(2) اھڙي ڏنڊ جو مڙهڻ هن ايڪٽ تحت اھڙي مالڪ طرفان ڪنيل ڪنھن ٻي ذميداري سان متضاد نہ هوندو.".

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**